
# پاڪستان ۾ ڪرونا وائرس جي وباءُ دؤران عورتن جي صحت متعلق


پاڪسان ۾ عورتن ڪي ڪرونا وائرس جي وبائي مرض جي باري ۾ گهٽ معلومات هجڻ جا خطرات:

اقوام متحده (UNO) جي عورتن جي شمار ۾ عددن مطابق، پاڪستان ۽ بنگلاديش ۾ مردن جي مقابلي ۾ عورتن کي ڪرونا وائرس جي باري ۾ گهٽ معلومات رسائي حاصل آهي. ان جا مختلف وجهه آهن مثال طور تي؛ انٽرنيٽ جي گهٽ رسائي، موبائيل جو نه هجڻ، ۽ مردن جي نسبت عورتن جي گهٽ تعليم يافته هجڻ. 2018 گلوبل ڊيجيٽل رپورٽ جي مطابق پاڪستان ۾ عورتن وٽ مردن جي مقابلي ۾ موبائيل فون جو رکڻ يا انٽرنيٽ تائين رسائي حاصل ڪرڻ جا 37 فيصد اتفاقاً گهٽ آهي.




ڪرونا وائرس جي باري ۾ ضروري معلومات تائين محدود رسائي نه صرف عورتن پر پوري خاندان جي لاءِ به خطري جو باعث آهي. انهن وجهن جي ڪري عورتن جي صحت، پئسي يا گهريلو تشدد جهڙن معاملن جي رپورٽ ڪرڻ لاءِ هيلپ لائنز ۽ آن لائن پليٽ فارم تائين رسائي تمام گهٽ آهي. گهر کي هلائڻ ۾ عورت جو هڪ نمايان وڏو ڪردار آهي ۽ ان سان گڏوگڏ سڀني جي صحت جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ ۾ به عورتون هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. تنهن ڪري ڪرونا وائرس کان بچاءُ ۽ احتياطي تدابير جي باري ۾ معلومات تائين عورتن جي رسائي حاصل ڪرڻ تمام ضروري آهي.

پاڪستان لاءِ COVID-19 گڏيل ڊيٽا ٽريڪر جي مطابق ، پاڪستان مردن جي لاءِ 74 سيڪڙو ڪيسن جي تصديق ڪئي آهي ۽ عورتن لاءِ صرف 26 سيڪڙو (18 آگسٽ ، 2020 تائين). في صد ۾ هي انتهائي تڪرار COVID-19 ڪيسن جي بين الاقوامي شماريات کان پري آهي ، جيڪي مردن ۽ عورتن ۾ نسبتا برابر ورڇ کي ظاهر ڪن ٿا.





پاڪستان ۾ هن صورتحال جا مختلف وجهه ٿي سگهن ٿا جنهن مان هڪ اهو به آهي ته مزدور تبقي ۾ عورتن جي نسبت مرد حضرات کي نمائندگي حاصل آهي. (مزدور تبقي ۾ عورتن جي ڪم ڪرڻ جي شرح 21 فيصد آهي جڏهن ته مرد حضرات جي 77 فيصد آهي)، عوامي اجتماعن ۾ به وڌيڪ نمائندگي ۽ عورتن جي مقابلي ۾ معاشري ۾ وڌيڪ ميل جهول ماڻهن سان آهي.

تنهنڪري ٻڌايو وڃي ٿو ته عورتن جو ٻاهر نه وڃڻ ۽ گهرن ۾ ئي رهڻ جي ڪري (ڪرونا وائرس) گهٽ ڪيسز جو هجڻ هڪ وجهه آهي، تنهن ڪري ان جي هڪ ٻي وجهه به ٻڌائي وڃي ٿي ته مردن جي نسبت عورت جي تمام گهٽ ٽيسٽ ٿي رهي آهي.

گهڻي قدر عورتون گهرن مان ٻاهر ناهن نڪرنديون. جنهن ڪري ان ڳالهه کي ڪوڙ نه سمجهيو وڃي ته پاڪستان ۾ ڪيترين ئي شهرن ۾ مرد حضرات پنهنجي خاندان سان گڏ گهرن ۾ رهن ٿا جتي هوا جي اچ وڃ (وينٽيليش) جو سٺو نظام موجود ناهين ۽ عام طور تي هڪ گهر ۾ ست ماڻهو رهن ٿا. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته گهرن جي اندر رهڻ به وائرس جي ڦهلڻ جا خطرات نمايان آهن.

يورپيئن يونئين جي مالي تعاون سان

هن اشاعتي مواد کي يورپيئن يونئين جي مالي تعاون کان ممڪن بڻايو ويو آهي جيئن هن جي مندرجات کي ذمه داري مڪمل طور پر اڪائونٽيبلٽي ليب پاڪستان جي ذمي آهي. ۽ ضروري نه آهي ته يورپيئن يونئين هن ۾ پيش ڪيا ويا خيالات کان متفق هجن




ورلڊ بينڪ جينڊر انڊيڪٽرز جي مطابق صرف 50 فيصد عورتون پنهنجي صحت ۽ ان جي متعلق معاملن جو سار سنڀال پاڻ ڪنديون آهن ۽ تقريباً هڪ ٽهائي عورتون پنهنجي صحت ۽ ٻين معاملن ۾ فيصلو وٺڻ لاءِ پنهنجي مڙس تي ڀروسو ڪن ٿيون.

پاڪستان ۾ ٽيسٽنگ ليول: ڇا مردن ۾ (وائرس مان) گهڻو متاثر ٿيڻ جا امڪان آهن؟

پاڪستان ۾ ڪرونا وائرس جي ٽيسٽنگ ليول ۾ ڪافي حد تائين ڪمي واقع ٿي آهي جنهن جي وجهه سان رڪارڊ ٿيل مثبت ڪيسز جي تعداد ۾ ڪافي واضع اضافي ٽيسٽ ٿيا آهن. مناسب ٽيسٽنگ جي ڪري پاڪستان عالمي اداره صحت جي نظر ۾ اچي ويو (هڪ خطي ۾ تصديق ڪيل ڪيسن ۾ 10 کان 30 جي درميان ٻڌائي وئي آهي). پاڪستان ۾ هن محل تائين ٿيل ڪُل ٽيسٽ (3 نومبر تائين) 4،514،827 ٿيا آهن جنهن ۾ 336،260 تصديق ٿيل ڪيس آهن.

هڪ رپورٽ جي مطابق ڪرونا وائرس وباءُ جي وجهه سان پاڪسان جي صوبي خيبر پختونخواه ۾ عورتن جي نسبت مردن جي وڌيڪ اموت ٿي آهي. ڊبليو ايچ او (WHO) جي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪرونا وائرس جي باعث صوبي ۾ (14 جولاءِ، 2020 تائين) 798 مرد ۽ 289 عورتون جي موت واقع ٿي آهي، جنهن ۾ مرد حضرات جي اموات جي شرح 72 فيصد جڏهن ته عورتن جي اموات جي شرح 28 فيصد آهي.

عورتون جي مقابلي مردن کي انفيڪشن جو وڌيڪ خطرو هجڻ جي هڪ وجهه هي به آهي ته عورتن ۾ قدرتي طور تي مردن جي مقابلي تمام بهتر قوت مدافتي نظام موجود آهي. عورتن ۾ بهتر قوت مدافتي نظام جي ممڪن وجهه هي آهي ته انهن جي جسم ۾ پيٿوجنز سان وڙهڻ جي صلاحيت هوندي آهي جيڪا (پيٿو جنز) مان پيدا ٿيڻ واري ٻارڙن جي لاءِ خطري جو باعث ٿي سگهي ٿي.

هڪ خاص بيماري جي ماهر ۽ عالمي مرض ۽ وبائي امراض جي نيٽ ورڪ جي باني ڊاڪٽر اسٽيفن برجر جي مطابق، ڪرونا وائرس مان مردن کي عورتن جي مقابلي وڌيڪ انفيڪش هجڻ جي ڪجهه بنيادي وجهه مان "دل جي بيماري" جهڙي وجهه به ٿي سگهي ٿي، جڏهن ته عمر جي شرح ۾ عورتن جي نسبت مردن جي عمر تمام گهٽي عام آهي. جڏهن ته ان قسم جا وجوهات هن محل تائين پاڪسان ۾ مرد ۽ عورتون جي نسبت ڪسين جي تعداد ۾ فرق کي واضع طور تي بيان نٿو ڪري سگهجي.

پاڪستاني عورتون ڪورونا وائرس دوران گهريلو تشدد کي منهن ڏين ٿيون

موذي مرض عورتن لاءِ ڪيترائي مسئلا پيدا ڪيا آهن، جيئن ته گهريلو ڪمن ۾ واڌارو ۽ ان وجهه جي ڪري عورتون پاڻ کي سنڀالڻ کان قاصر آهن. پاڪستان ۾ عورتنخاص طور تي جيڪي غير رسمي شعبي ۾ ڪم ڪري رهيا آهن انهن تي گهريلو تشدد ۾ اضافو ڏٺو ويو آهي. پاڪستان جي اوپرندي صوبي پنجاب ۾ لاڪ ڈاؤن جي دوران، سرڪاري آفيسرن گهريلو تشدد ۾ 25 سيڪڙو اضافي جي اطلاع ڏني آهي.

ڪورونا وائرس پاڪستان ۾ صنفي اڻ برابري کي وڌيڪ وڌايو آهي ، جنهن جو اقتصادي ۽ سماجي وسيلن تي انتهائي اثر پيو آهي ، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ عورتن جدوجهد ڪئي آهي. هڪ ڏهائي چار کان وڌيڪ پاڪستاني عورتن کي مختلف

يورپين يونئين جي مالي تعاون سان
accountabilitylab PAKISTAN
The Asia Foundation
هن اشاعتي مواد کي يورپين يونئين جي مالي تعاون کان ممڪن بڻايو ويو آهي جيئن هن جي مندرجات کي ذمه داري مڪمل طور پر اڪائونٽيبلٽي ليب پاڪستان جي ذمي آهي. ۽ ضروري نه آهي ته يورپيئن يونئين هن ۾ پيش ڪيا ويا خيالات کان متفق هجن

شعبن ۾ روزگار کان معطل ڪيو ويو آهي .فيلڊ رپورٽون جي نتيجي مطابق ته هينئر عورتون پريشاني جو شڪار آهن، چاڪاڻ ته انهن کي شروعاتي مدد ڏيڻ واري ڪميونٽي هيلٿ ورڪرز تائين رسائي حاصل ناهين.

ڪجھ عورتون شايد حمل سانهجڻ جي حمل جي عمل کي سمجهي نه سگهنديون آهن جيڪي خانداني منصوبابندي ۽ صحت لاءِ ضروري آهن. عورتن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۽قرنطينا ، آئسوليشن وارڊ ۾ پين موجوده صحت جون سهولتون ڪافي سٺي نه آهن. انهن سهولتن ۾ بنيادي صفائي جي شين جي گهٽ هجڻ ۽ٽوائلٽ (ڪاڪوس) سان لاڳاپيل مسئلا رپورٽ ڪيا ويا آهن.

عورتن کي انهن مسئلن کان ڪيئن بچائي سگهجي ٿو؟

پاڪستان ۾ اڳ ۾ ئي وڏي تعداد ۾ گھريلو تشدد تي قابو ونائڻ جي لاءِ جدوجهد ٿي رهي آهي، جنهن کي ڪورونا وائرس جي وبائي مرض جي وجهه سان وڏيڪ اضافو ٿيو آهي. گھريلو تشدد سان لاڳاپيل معاملن جي حوالي سان آفيسرن ۽ پوليس جي غير ذميواري وارو رويو اختيار ڪرڻ جي ڪري عورتون گھريلو تشدد جا ڪيس رپورٽ ڪرڻ کان پاسو ڪنديون آهن.

وڏي تعداد ۾ وبا پيدا ٿيڻ کان پوءِ پيدا ٿيندڙ مسئلن جي مدنظر، گڏيل قومن جي آفيس (يونائٽڊ نيشن) جي آفيس ڊرگس اينڊ ڪرائم (يو اين او ڊي سي) فوري طور تي پنجاب حڪومت سان ايڪشن پلانجلد جوڙڻ جي طلب ڪئي. عالمي سطح تي عورتن تي وڌندڙ تشدد تيمدنظر رکندي، هر حڪومت لاءِ اهو لازمي ٿي چڪو آهي ته هو هن وبا دوران عورتن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ قدم کڻي.

حڪومت پاڪستان جي هڪ اهم ڪوشش ڪرونا وائرس جي ڪيسن تي صنفي امتيازي شماري جي اشاعت آهي. ڪورونا وائرس جي وبا دوران عورتن جي نمائندگي ڏيڻ لاءِ اهو هڪ اهم قدم آهي.

ان کان علاوه ، پاڪستان حڪومت، صحت واري صوبائي کاتو ۽ صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (PDMA) يو اين ايف پي اي سان گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن جن کي صنفي بنياد تي تشدد جو شڪار ٿيندڙ عورتن کي سهولتون فراهم ڪرڻ جي لاءِ وسيلا پيدا ڪري رهيا آهن يوڊي ايف پي(UNFPA) جي تعاون ۾ صحت واري نظام تي ڪرونا وائرس جو سماجي ۽ اقتصادي اثرات جي سروي شامل آهي خانداني منصوبابندي ۽ ريپروڊڪٽِو واري صحت جي خدمتن تي توجهڏني پئي وڃي.

عورتن تي گھريلو تشدد جهڙي بحران کان بچائڻ لاءِ ڪرونا وارئرس حڪمت عملي تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. جتي مردن جا وڌيڪ ڪيس رپورٽ ٿي رهيا آهن، جتي عورتن جي بي ترتيب ٽيسٽون ٿيڻ گھرجن. انهي کي حاصل ڪرڻ لاءِ، اهو ضروري آهي ته ٽيسٽ جي قيمت گهٽ هجي ۽ اها ٽيسٽنگ ڪنهن سٺي اداري سان لاڳاپيل هجي ۽ بنا ڪنهن فرق جي ڪئي وڃي.

گھرن ۾ ۽ ڪميونٽي ۾ سماجي فاصلو برقرار رکڻ لاءِ حل تلاش ڪرڻ ضروري آهي، ته جيئنعورتن ۾ انفيڪشن جي شرح کي گھٽائي سگهجي، ضلعي سطح تي جنسي لحاظ کان الڳ الڳ(مرد ۽ عورت)معلومات کي عام ڪرڻ جي ضرورت آهي.اها معلومات عوامي ۽ نجي شعبن کي حل ڳولڻ ۾ مدد ڪندي.




ڪرونا وائرس ڪميٽي جي عهديدارن ۾ عورتن جي شرح فقط 5.5 سيڪڙو آهي. عورتن جي تعداد کي وڌائڻ جي ضرورت آهي ته جيئن اهي انهن مسئلن تي بهتر فيصلا ڪري سگهن.

جڏهن اسان صحت، خوراڪ جي فراهمي، آمدني ۾ گهٽتائي، اقتصادي استحڪام، غربت، ٻارن جي صحت، گھريلو تشدد، ذريعن جو گهٽ هجڻ يا بي گھرگين جهڙوڪ موضوعن تي ڪرونا وائرس جا اثرات جا مطالعه يا تحقيق ڪريون ٿا، ته اهو ضروري آهي ته عورتون ۽ ٻيا معذور ماڻهو يا گروهن کي شامل ڪيو وڃي ۽ انهن جي نمائندگي ڪرڻ گھرجي.



هن اشاعتي مواد کي يورپيئن يونئين جي مالي تعاون کان ممڪن بڻايو ويو آهي جيئن هن جي مندرجات کي ذمه داري مڪمل طور پر اڪائونٽيبلٽي ليب پاڪستان جي ذمي آهي. ۽ ضروري نه آهي ته يورپيئن يونئين هن ۾ پيش ڪيا ويا خيالات کان متفق هجن

ڪرونا وائرس تي تحقيق ۽ ريسپانس فريم ورڪ جوڙڻ جي ضرورت آهي ته جيئن جينڊر ٻس ايگريگيٽڊ ڊيٽا گڏ ڪيو وڃي ۽ عورتن ڪي درپيش مسئلن ۽ خدشات ڪي سمجهڻ ۽ انهن جو حلڳوليو وڃي.

---


يورپيئن يونئين جي مالي تعاون سان

accountabilitylab PAKISTAN

The Asia Foundation

هن اشاعتي مواد کي يورپئين يونئين جي مالي تعاون کان ممکن بڻايو ويو آهي جيئن هن جي مندرجات کي ذمه داري مکمل طور پر اکائونٽيبلٽي ليب پاڪستان جي ذمي آهي. ۽ ضروري نه آهي ته يورپيئن يونئين هن ۾ پيش ڪيا ويا خيالات کان متفق هجن